ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي

# سدا سنڌ پرڪاش رهندي سهاڳڻ سندس سينڌ جا چمڪندا ستارا

## (ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي ناٽڪ نويسي)


***Abstract:***

*Dr. Moti Prakash is acknowledged as one of the most revered Sindhi author who had worked vigorously after Partition to enrich Sindhi language and literature as a poet, Lyricist, critic and dramatist.*

*His famous song `Aandhi main jyot jalain vara Sindhi` echoes sentiments among sindhi community.*

*He established two reputable organizations "Sindhu Kala Mandal". & "Sindhu Kala Niketan" to provide the platform for Sindhi plays.*

*In the year 1957 a plan was prepared for sindhi programs at Radio. Dr. Moti prakash was honored with that responsibility. There was scarcity of Sindhi play writers at that time and old original Sindhi plays were very rare.*

*Dr. Moti Prakash filled that space with his two renowned full length plays,`Raat hika toofan ji` & `parde agyaan parde puthyan`.*

*He proved himself as the inspiration for other writers and encouraged them to write new plays in the field of literature.*


**ناٽڪ** نگاري جي شروعات ويهين صديءَ جي شروع ۾ ٿي چڪي هئي. تنهن کي ورهاڱي جو ڌڪ سهڻو پيو. جيڪڏهن ورهاڱو نہ ٿئي ها تہ سنڌ ۾ ناٽڪ نگاري ترقيءَ جون نيون منزلون طئہ ڪري ها، ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناٽڪ نگاري ادبي تواريخ ۾ هڪ فخر لائق باب آهي.

سن ١٩٤٧ع ۾ ڀارت جي ورهاڱي سبب هندو سنڌين کان پنهنجي اباڻي ڌرتي کسجي وئي. ورهاڱي جي طوفان سبب سنڌي ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ ٽڙي پکڙجي ويا. اتي، لٽي اَجهي جي ڳولها ۾ ڀٽڪندا رهيا، جتي جن کي اجهو مليو اُتي ئي ٽائينڪا ٿي رهڻ لڳا. هي اهو وقت هو جڏهن سنڌي عالمن ۽ ساهتڪارن سنڌي ٻوليءَ ادب کي





هڪ نئين ڌرتي تي بچائڻ جون ڪوششون شروع ڪيون .

سنڌي ساهت جي ٻين صنفن سان گڏ ناٽڪ نگاريءَ جي بہ اوسر ٿيڻ لڳي. پهرين اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ۽ پوءِ آهستي آهستي ڀارت جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ ناٽڪ منڊليون قائم ٿيون.

ممبئيءَ ۾ جن ناٽڪ نويسن سرجوشيءَ سان ڪم ڪيو تن ۾ شاعر، گيتڪار، مضمون نگار، محقق، ڪلاڪار ۽ ناٽڪ نويس، ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو نالو ذڪر جوڳو آهي.

ممبئي ۾ سنڌي ناٽڪن کي منچ تي آڻڻ لاءِ ١٩٦٠ع ۾ 'سنڌو ڪلا مندر' نالي سان منڊلي برپا ٿي. ممبئي ۾ سنڌي ساهتڪارن جي هيءَ پهرين منڊلي هئي. جنهن کي برپا ڪرڻ جو شرف ڊاڪٽر موتي پرڪاش کي حاصل آهي.

محمد يوسف پنهور پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ناٽڪ جي تاريخ' ۾ هر دؤر جي منڊلين جي خاڪن سان سمجهاڻيون ڏينڊي آخرين صفحن ۾ ڪارائتا ضميما پڻ ڏنا آهن.

"هن هند ۽ سنڌ جي ٨٠ ناٽڪ منڊلين کي ٽن دؤرن ۾ ورهايو آهي، انهن مان ٥٧ ڀارت ۽ ٢٣ سنڌ ۾ قائم ٿيون. هن ڪتاب ۾ ٢٢ نمبر منڊلي 'سنڌو ڪلامندر'، بمبئي ڄاڻايل آهي. 'سنڌو ڪلا مندر' ممبئي جي نالي سان ناٽڪ منڊليءَ جي بنياد رکڻ ۾ موتي پرڪاش سان گڏ سوڀراج مينگهاڻي ۽ ڀڏو آڏواڻي پڻ شريڪ هئا. هن منڊلي جيڪي ناٽڪ پيش ڪيا ۽ جن کي گهڻي شهرت حاصل ٿي تن ۾، 'انڊر سيڪريٽري،' 'ياد ڪندا'، 'پاڙي واري'، 'ٽي باندر'، 'جوت جلي'، 'رات جي راڻي'، 'هيءَ يا هُوءُ'، 'انيتا'، 'شادي تہ ڪر'، 'گهر گُروءَ جو در'، 'پل جو پتي'، 'ڇورا اڳيان پوڙها پٺيان'، 'ڪلجڳ ۽ ڊونگي '"[١] هن منڊليءَ هڪ ٻئي پٺيان وڏا ناٽڪ اسٽيج تي پيش ڪيا، جيڪي ڏسندڙن ۾ گهڻا مقبول ٿيا.

ڊاڪٽر موتي پرڪاش ڪجهہ سالن کان پوءِ اُن منڊليءَ کان الڳ ٿي 'سنڌو ڪلا نڪيتن' جو پايو وڌو.

سنڌي تجرباتي ائبسرڊ ناٽڪن جي باني ڊاڪٽر پريم پرڪاش پنهنجي تحقيق 'سنڌي ناٽڪ جي اوسر' ۾ منڊلين نسبت رايو ڏنو آهي تہ، "ڊاڪٽر موتي پرڪاش ١٩٦٦ع ۾ 'سنڌو ڪلا نڪيتن' جو پايو وڌو ۽ پنهنجو لکيل اصلوڪو وڏو ناٽڪ

’رات هڪ طوفان جي‘ هن منڊليءَ طرفان پهريون ناٽڪ منچ تي پيش ڪيو.“[۲]

ڊاڪٽر موتي پرڪاش وڏو ناٽڪ ’انڊر سيڪريٽري‘ هنديءَ مان سنڌيءِ ۾ ترجمو ڪيو. جنهن جو ليکڪ رميش مهتا هو. ورهاڱي کان پوءِ هي پهريون وڏو ناٽڪ هو، جيڪو سنڌي ۾ ترجمو ٿيو. ۱۹٦۰ع ۾ هيءُ ناٽڪ ’سنڌو ڪلا مندر‘ جي منچ تي پيش ٿيو.

ايڪانڪي ناٽڪن جو بنياد وجهندڙ منگهارام ملڪاڻي آهي. هن جي مشهور ايڪانڪي ناٽڪ ’ٽي پارٽي‘ جو موضوع انگريزي تهذيب جو نقل آهي، جنهن کي پنهنجائيندي، نقلي شان رکڻ وارا، سماج ۾ پنهنجو رتبو واڌائڻ لاءِ ناٽڪ جا ڪردار ڪوڙ مٿان ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ دير نہ ٿا ڪن . هن ئي موضوع تي ٻيا پڻ ڪيترائي ناٽڪ آهن، جن مان هڪ هي ناٽڪ ’انڊر سيڪريٽري‘ پڻ آهي.

’انڊر سيڪريٽري‘ ناٽڪ ٻاهرئين اڊمبر تي آڌارت آهي. ناٽڪ ۾ وچولي طبقي جا ٻہ ڪردار ’سروج‘ ۽ ’پشپا‘ آهن، جيڪي پنهنجو رتبو وڌائڻ جا جتن ڪندي، نہ فقط گهر جو فرنيچر بدلائن ٿيون، پر پنهنجي پتي پرميشور کي نوڪر جي روپ ۾ پيش ڪندي ٻہ هنن کي بلڪل شرم ڪونہ ٿو اچي. جڏهن راز کلي ٿو تڏهن اهي شرمسار ٿين ٿيون.

’انڊر سيڪريٽري‘ناٽڪ مزاحيہ هئڻ سان گڏوگڏ طنز پريو پڻ آهي. ناٽڪ جو ماحول ۽ ڪردارن جا نالا سنڌي آهن. ٻولي عبارت ۽ گفتگو ڏانهن ڊاڪٽر موتي پرڪاش گهڻو ڌيان ڏنو آهي. ناٽڪ جا مڪالما مزاح سان ڀرپور آهن ۽ ڪردارن جو عمل ۽ فعل مزاح پيدا ڪندڙ آهن. جنهن ڪري ڏسندڙن جو ناٽڪ سان لاڳاپو قائم رهي ٿو. نہ فقط ممبئي پر ڀارت جي مختلف شهرن ۾ هن ناٽڪ جا ڪيترائي شو ٿي چڪا آهن. وڏو اصلوڪو ناٽڪ ’رات هڪ طوفان جي‘ ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو پهريون ناٽڪ آهي، جيڪو ۱۹٦٦ع ۾ ’سنڌو ڪلا نڪيتن ‘جي منچ تي پيش ٿيو. ۽ ۱۹٦۷ع ۾ ’جيون ڪلا پبليڪيشن‘، ممبئي طرفان شايع ٿيو.

سنڌي ساهت جي صنف ناول ۾ گهٽي ۾ گهٽا جاسوسي ناول چندو لعل جئسنگهاڻيءَ جا لکيل آهن .ناٽڪ نويسيءَ جي حوالي سان ڏسجي تہ هي پهريون وڏو جاسوسي ناٽڪ آهي، اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر موتي پرڪاش سنڌيءَ ۾ جاسوسي ناٽڪ نگاريءَ جو بنياد وڌو. هي ناٽڪ نئين ڍنگ سان جديد موضوع تي لکيل آهي. ناٽڪ





جي پهرين حصي ۾ پيار ۾ ناڪام عاشق ۽ محبوبا جي ڪهاڻي آهي. ناٽڪ جي ٻئي حصي ۾ قتل ٿئي ٿو تہ ٽئين حصي ۾ قتل جو الزام ٻي ڌوهي پريمي تي لڳي ٿو ۽ جاسوسي ڪاروائي ٿئي ٿي.

’انڊر سيڪريٽري‘ناٽڪ رومانوي، راز ڀريو آهي. ناٽڪ ۾ تجسس پڇاڙيءَ تائين قائم رهي ٿو. ناٽڪ جي عبارت، گفتگو، ڪردارنگاري، چست، معياري، دلڪش ۽ سهڻي آهي، تنهن ڪري ناٽڪ ڏسندڙن کي تمام گهڻو پسند پيو ۽ اڳتي هلي هن ناٽڪ تي فلم پڻ ٺهي.

ڊاڪٽر موتي پرڪاش پاڻ ان ناٽڪ بنسبت هي رايو ڏنو آهي: ”جيتوڻيڪ هن ناٽڪ جي رٿا جاسوسي ڪهاڻين جهڙي آهي، پر مون ان ناٽڪ جو وستار ان طرح ڪيو آهي، جو ڀارت جو سماجڪ ۽ راڄنيتڪ ڍانچو وڌيڪ اُڀري ٿو بيهي.“[۳]

ڊاڪٽر پريم پرڪاش پنهنجي تحقيق ’سنڌي ناٽڪ جي اوسر‘ ۾ ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي مٿئين حوالي تي رايو ڏيندي لکيو آهي: ”هيءُ جواب مبالغي ڀريو آهي. ڀارت جي ساماجڪ ۽ راڄنيتي ڍانچي وارو موضوع هن ناٽڪ ۾ مڙهڻ ٿيندو. ... اڳيان هلي موتي پرڪاش صحيح ناٽڪ صحيح رنگ منچ لاءِ ڏيئي سگهي، تنهن جا ڪيترا عناصر هن ناٽڪ ۾ موجود آهن.“[۴]

ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو ٻيو اصلوڪو ناٽڪ ’پردي اڳيان پردي پٺيان‘ آهي، جيڪو ۱۹٦٦ع ۾ ’سنڌو ڪلا نڪيتن‘ جي منچ تان پيش ٿيو هو ۽ ۱۹۷۵ع ۾ ’سنگيتا پبليڪشن ،ٻڙودا‘ طرفان شايع ٿيو.

ڊاڪٽر متي پرڪاش جو پهريون ناٽڪ گنڀير مسئلي تي رچيل آهي. ان جي ڀيٽ ۾ سندس هيءُ ناٽڪ سماجڪ ۽ مزاح تي ٻڌل آهي. ناٽڪ نويس ناٽڪ ۾ مزاح سان گڏ ڪڙي طنز سمائيندي، ناٽڪ ۾ ناٽڪ رچيندي، ’پردي اڳيان ۽ پردي پٺيان‘ جي جدا جدا حالتن جون تصويرون پيش ڪيون آهن.

جيئن تہ هن ناٽڪ جو عنوان’پردي اڳيان پردي پٺيان‘، ئي آهي. ناٽڪ نويس عنوان سان نڀائيندي، پردي اڳيان ڪي دنياوي ڪردار پيش ڪيا آهن، پر اهي ئي ڪردار پردي پٺيان ڪوڪلا چالباز ۽ دغاباز آهن. جيئن هن ناٽڪ جي مکيہ ڪردار مشهور بلڊر (عمارت ساز) سيٺ شيوڪرام جو چتر چيٽندي طنز ڪندي، ناٽڪ ۾ ڏيکاريو ويو آهي، تہ هو پردي اڳيان جي. پي ٻڌجي پنهنجو رتبو قائم رکندي، پاڻ کي

لوڪ پريہ بڻائڻ لاءِ پردي پٺيان هر قسم جون چالبازيون اختيار ڪندي، جيڪي جتن ٿي سگھنس ٿا، سي ڪري ٿو. پنهنجي ساراهہ اخبارن ۾ ڇپائيندي، پاڻ کي هار ۽ شالون پهرائيندي، پنهنجا ڪيل خطاب رڪائيندي، پنهنجون تصويرون ڪيارائيندي، پنهنجي ناموس لاءِ رقم ڏيڻ لاءِ بہ تيار ٿئي ٿو. ائين بہ نہ آهي تہ هو عوام جي ڪمن لاءِ دان نہ ٿو ڪري، پردي اڳيان هڪ ڀلي ليڊر جي روپ ۾ خيرات بہ ڪري ٿو. جنهن ڪري هو سماج ۾ مانائتي شخصيت جي روپ ۾ اُڀري اچي ٿو ۽ پنهنجن ٻارن کي نيڪ صلاحون بہ ڏئي ٿو، پر پردي پٺيان پنهنجي اولاد کي چالبازيون ۽ غلط صلاحون ڏيندي، ٻارن کي غلط ڪم ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. سندس پٽ ڪيول ۽ ڌيءُ شيلا چالبازين ۾ پيءُ کان بہ قدم اڳتي وڌي وڃن ٿا. شيلا جنهن نوجوان سان پيار ڪري ٿي، تنهن جوان کي سنياسي بڻائي گھر ۾ رهائيندي، پيءُ جي اکين ۾ سرمو پائيندي، اُن سنياسي سان ڀڄي وڃي ٿي.

سندس پٽ پردي اڳيان هڪ نيڪ ڪلاڪار آهي، جنهن ڪري ناٽڪ ۾ ڪيس هيرو جو ڪردار مليو آهي، پر پردي پٺيان ناٽڪ شروع ٿيڻ‌کان هڪ ڏينهن اڳ ڊائريڪٽر اڳيان شرط رکندي، ڪيس ڌمڪي ٿو ڏئي تہ جيڪڏهن هي شرط قبول اٿئي تہ واهہ، نہ تہ مان ناٽڪ ۾ ڪم نہ ڪندس. جن ڪمن ۾ هن کي ڪو فائدو نظر اچي ٿو، بس اُنهن ڪمن لاءِ هي جيءُ جان سان ڪم ڪري ٿو.

ناٽڪ نويس اڄڪلهہ جي ڪمرشل ناٽڪن جي اختيار ڪيل رستي تي مزاح واري انداز ۾ ڪافي طنز پڻ ڪئي آهي. هن ناٽڪ ۾ ننڍين ننڍين مزاحي سهڻن مڪالمن ذريعي ناٽڪ جي ڪردار نگاري اُڀري بيٺي آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻي هن ناٽڪ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي: ”هڪ ٻي ڳالهہ هن ناٽڪ ۾ جيڪا کٽڪي ٿي، سا اها آهي تہ سڀئي ڪردار منفي (Negative) آهن، سواءِ ماءُ جي ڪردار جي، جيڪا بہ زوردار نہ آهي. ڪيول ڪمار جيڪو هڪ ڪلاڪار آهي ۽ جنهن کي هڪ آدرشي هدايتڪار پنهنجي ناٽڪ جو هيرو چونڊيو آهي، تنهن کي ڪوڪلو نہ ڏيکاريو وڃي ها، بلڪ اُن ڪردار ۾ ٻئي هاڪاري (positive) هئڻ جون قوتون هيون.“(۵)

ٻاٻاڻي صاحب: موهن جو ڪردار ڇو نظرانداز ڪري ڇڏيو؛ سا مون کي خبر نہ آهي.

ڏنو وڃي تہ ناٽڪ نويس ناٽڪ ۾ عنوان سان نڀائيندي، موهن جو ڪردار بہ خلقيو آهي. جنهن جو پردي اڳيان توڙي پردي پٺيان هڪ ئي روپ آهي. موهن سچو





ڪلا جو پوڄاري آهي. جنهن ڪري هو دولت، شهرت ۽ نالي جو محتاج نہ آهي، جيتوڻيڪِ ناٽڪ منچ تي ٿيڻ وارو آهي، پر جڏهن ناٽڪ جي هيرو ڪيول ۽ سندس پتا شيوڪرام هن جي اڳيان شرط رکن ٿا، هو اُهي شرط نڪرائڻ ۾ بلڪل دير نہ ٿو ڪري، ۽ نہ ئي پرواهہ ٿو ڪري. هڪ ڏينهن ۾ هو ناٽڪ جو هيرو بدلائي ٿو ۽ چوي ٿو: Show must go on

موهن جو ڪردار شفيق، ايماندار، سچار ۽ ڪلا جو پوڄاري آهي. جڏهن شيوڪرام ۽ سندس پٽ ڪيول موهن اڳيان شرطن جو چٺو کولي ٿا رکن، تڏهن موهن ڏسو ڇا ٿو چوي. ڏسو ناٽڪ جا ڪجهہ ٽڪرا:

شيوڪرام: ”توهين وري بہ غلطي ٿا ڪريو، موهن ڪمار، ڪلا کان وڌيڪ توهان کي پئسي جو ٻل هئڻ گهرجي. سڪٽي ڪلا مان ڇا ورندو؟ (ٽوڪزنيءِ مان)

”ناٽڪ ڪرڻ مان توهان کي ملي ڇا ٿو؟“

موهن: ”سائين منهنجا“، رانجهي کان پڇيائون تہ،” تنهنجي عشق جو راز ڇا آهي؟“

جواب ڏنائين: ”چٽنگ وچ چولي. بس اُها رانجهي واري چٽنگ لڳي ويئي آهي. دل جي دامن کي.“(٦)

موهن پنهنجي ڪلا سان ايترو وفادار آهي، جنهن ڪري هو ڪنهن کان ڊڄي نہ ٿو. هن کي پنهنجي ڪلا تي فخر آهي، ڪلا جي ٻل تي ڏسو، هو ڪيترو کلي سيٺ شيوڪرام، جيڪو شهر جو جي. پي جي عهدي تي ويٺل آهي، پر ڪوڪلو ۽ چالباز آهي.

تنهن کي موهن چوي ٿو:

موهن :” اها ڳالہ توهين نہ سمجهي سگھندا، سيٺ! توهان وٽ پئسو آهي، پر ڪلا ڪانهي. اسان وٽ ڪلا آهي، پر پئسو ڪونهي. ائين ٿيندو ئي آيو آهي ۽ پوءِ بہ ڪلا ڪڏهن پئسي اڳيان جُهڪي ڪانهي، جهڪندي بہ ڪانہ......ناٽڪ ٿيندو ۽ ضرور ٿيندو.Show must go on “

موهن جو ڪردار ايترن حرفتباز ڪردارن اڳيان بہ ڪلا جو مقام مٿاهون رکڻ ۾ ثابت قدم رهيو آهي.

جيتوڻيڪ موهن جو ڪردار تمام مختصر آهي. پر تنهن هوندي بہ موهن ننڍڙي چٽنگ ٻاريندي، جاندار مڪالمن وسيلي سڄي ناٽڪ ۾ زوردار ڇاپ ڇڏي آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ 'پردي اڳيان پردي پٺيان' جي مهاڳ ۾ اڳتي هلي لکيو آهي:

" ۱۹۷۴ع ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ساهت سڀا طرفان وڏن پنجن ناٽڪن جي چٽاڀيٽي ٿي، جنهن ۾ ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو هي ناٽڪ 'پردي اڳيان پردي پٺيان' بہ شامل هو، جنهن ۾ هن ناٽڪ کي ٻيو نمبر انعام مليو."[۶]

ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو سنڌي فلمن ۾ يوگدان:

'رات هڪ طوفان جي' جا ڪجهه گيت، ۽ اسڪرپٽ، 'نقلي شان' جا مڪالما، 'اجا تہ مان ننڍڙي آهيان' جا ڪجهه گيت ۽ مڪالما ڊاڪٽر موتي پرڪاش جا لکيل آهن .

ان ڪانسواءِ، ڊاڪٽر موتي پرڪاش ڪيترن ئي ناٽڪن ۽ فلمن ۾ بهترين اداڪاري جا ڪردار ڪاميابي سان نڀايا. ڊاڪٽر موتي پرڪاش جا ريڊيو ناٽڪ سن ۱۹۵۷ع ۾ ، جيئن ئي ممبئي جي آڪاشواڻيءَ ۾ سنڌي پروگرامن جي شروعات ٿي، آڪاشواڻي سنڌي پروگرامن جي واڳ ڊاڪٽر موتي پرڪاش سنڀالي هئي، هن آڪاشواڻيءَ لاءِ بي حساب ناٽڪ لکيا.

ڊاڪٽر صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۲۰۰ يا ۲۵۰ ناٽڪ براڊڪاسٽ (نشر) ٿيا، اُنجو ڪو درست حوالو نہ ٿو ملي ، بس جنهن جيترو اندازو لڳايو آهي، اهي انگ اکر لکي ڇڏيا اٿائون.

اُن وقت ريڊيو ناٽڪ، حقيقت ۾ ڪي خاص ريڊيو لاءِ لکيل نہ هئا، پر جيئن تہ آڪاشواڻي ريڊيو تان سنڌي ناٽڪن جو سلسلو جاري ٿيو، تڏهن پهرين ناٽڪ نويسن اسٽيج ڊرامن ۾ ڦير ڦار ڪندي، ريڊيو ناٽڪ جوڙيندي، ڪجھ ٻين ٻولين تان بہ ناٽڪ ترجمو ڪيا. گهڻن ناٽڪ نويسن پنهنجا اصلوڪا، ريڊيو ناٽڪ تيار ڪيا. پر تن ۾ پڻ ايڪانڪي ناٽڪ وڌ ۾ وڌ پيش ٿيا. وڏا ناٽڪ بلڪل نہ هئڻ برابر نشر ٿيا. تن مان ڪيترن ئي ناٽڪن جا خاص ڪتاب پڻ ڪونہ ڇپيا. ڪيترائي ريڊيو ناٽڪ مخزنن ۽ رسالن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. گهڻا تہ ڇپيا ئي ناهن، بس فقط ريڊيو تان نشر ٿيا، جنهن ڪري مستند حوالا ملي نہ ٿا سگهن.

ڊاڪٽر موتي پرڪاش: جيڪڏهن پنهنجي اڳواڻيءَ ۾ بہ يا اڍائي سؤ ناٽڪ براڊڪاسٽ ڪرايا. تنهن ڪان سواءِ هڪ وڏو ترجمو ٿيل ناٽڪ ۽ بہ وڏا اصلوڪا ناٽڪ تيار ڪيا. اُن حساب سان اهو ڪوڙو ئي نہ ٿو لڳي تہ، ڊاڪٽر موتي پرڪاش ريڊيو ناٽڪ





هڪ بہ نہ لکيو هوندو... سنڌي ناٽڪن جي تاريخ جي سيني ڪتابن ۾ اهڙو ڪو بہ مختصر حوالو بہ ڪونہ ٿو ملي. تنهن هوندي بہ پڪ ڪرڻ لاءِ مون ڪن بزرگ ساهتڪارن ۽ خاص طور ڊاڪٽر پريم پرڪاش ڪان ان بابت پڇيو. ڊاڪٽر پريم پرڪاش چيو تہ: نہ، ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو ڪو بہ ڇپيل روپ ۾ ريڊيو ناٽڪ نہ آهي. ٿي سگهي ٿو ممبئي ۾ رهندي هن ريڊيو ناٽڪ لکيا هجن، پر ڇپيل روپ ۾ نہ آيا هجن. 'موتي پرڪاش - ريڊيو ناٽڪ نويس' جي سوال جو جواب اڃا سوال ئي آهي. اهو پنهنجي جاءِ تي کوجنا جو موضوع آهي .

بهرحال جيئن تہ سنڌي ناٽڪ نويسيءَ ۾ اصلوڪن وڏن ناٽڪن جي ڪافي کوٽ رهي آهي، ڊاڪٽر موتي پرڪاش پنهنجن ٻن اصلوڪن ناٽڪن سان نہ فقط اها کوٽ پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ٻين ناٽڪ نويسن کي بہ اصلوڪا وڏا ناٽڪ لکڻ لاءِ آماده ڪيو آهي.

## حوالا


۱. پنهور، محمد يوسف، 'سنڌي ناٽڪ جي تاريخ'، پبلشر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو سنڌ، ص : ۱۰.

۲. پرڪاش، پريم، ڊاڪٽر، 'سنڌي ناٽڪ جي اوسر'، (ٿيسز)، پبلشر، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي الهاس ننگر، ڀارت ، ۱۹۹۳ع ، ص: ۲۶۸.

۳. پرڪاش، موتي، ڊاڪٽر، 'رات هڪ طوفان جي'، 'بہ آڪر' پبلشر، جيون ڪلا پبليڪيشن، الهاس ننگر، ص: ۵.

۴. پرڪاش، پريم، ڊاڪٽر، 'سنڌي ناٽڪ جي اوسر'، ( ٿيسز)، پبلشر، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي الهاس ننگر، ڀارت، ۱۹۹۳ع، ص: ۲۸۲.

۵. ٻاٻاڻي، ڪيرت، 'پردي اڳيان پردي پٺيان'، (مهاڳ) پبلشر، سنگيتا پبليڪيشن بڙودا، ڀارت، ۱۹۷۵ع.

۶. ساڳيو، ص: ۱۰۹.

۷. ساڳيو، ص: ۶.